حصو الف ( گهڻ چونڊائتي سوال)

سوال1. هيٺين جا صحيح جواب چونڊيو.

(1) نظم ”هاري“ ڪهڙي شاعر جو چيل آهي.

(الف) سليم ڳاڙهوي (ب) عبدالڪريم گدائي (ج) بردو سنڌي (د) ڪشن چند عزيز

(2) شاعر جان جو جياپو __________ ڪي سڏي ٿو.

(الف) گهر (ب) والدين (ج) وطن (د) تعليم

(3) نصر پور __________ جي ڪناري آباد هو.

(الف) ڪينجهر ڍنڍ (ب) منڇر ڍنڍ (ج) سنڌپ درياءَ (د) ڦليلي

eduvision.edu.pk

(4) قاضي قاضن سنڌي زبان جو ________ جي دور ۾ شاعر ٿي گذريو آهي.

(الف) عربن (ب) سومرن (ج) سمن (د) مغلن

(5) عالمي عدالت ۾ ججن جو تعداد ________ هوندو آهي.

(الف) پنج (ب) ڏهه (ج) ٻارهن (د) پندرهن

(6) سياڻ سچ چيو آهي ته هنر ________ آهي.

(الف) اهم (ب) ملڪيت (ج) دولت (د) عزت

(7) گاديءَ جي چٽني ڪنڊن تي ________ جهاپا ٻڌل هئا.

(الف) سونا (ب) چاندي جا (ج) پتل جا (د) ٽامي جا

(8) مائي به الله جو آسرو ڪري پٽ کي ________ جي حوالي ڪيو.

(الف) مولوي (ب) ماستر (ج) لوهار (د) واڍي

(9) منهنجي پيغام جو ________ هيءُ آهي.

(الف) مقصد (ب) خلاصو (ج) تت (د) مطلب

(10) حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جي وقت ۾ ايران ۾ ________مذهب جو زور هو.

(الف) هندو (ب) ٻڌمت (ج) عيسائي (د) زرتشت

(11) ڪينجهر ڍنڍ ________ ضلعي ۾ آهي.

(الف) جام شورو (ب) ڪراچي (ج) دادو (د) ٺٽو

(12) سٺي رڌ پچاءَ لاءِ ________ ڳالهيون ضروري آهن.

(الف) ٻه (ب) ٽي (ج) چار (د) پنج

(13) هفت زبان شاعر ڪنهن کي چيو ويندو هو.

(الف) شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ (ب) سچل سرمست (ج) بيدل (د) عبدالڪريم گدائي

(14) مائي خيريءَ جي وفات ________ مهيني ۾ ٿي.

(الف) محرم (ب) رجب (ج) رمضان (د) ذوالحج

(15) الوحيد اخبار مارچ ________ ۾ جاري ٿي.

(الف) 1915ع (ب) 1918ع (ج) 1920ع (د) 1947ع

**حصو ب (مختصر جواب جا سوال)**

**نوٽ. هيٺين سوالن مان ڪن به 9 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 04 مارڪون رکيل آهن.**

سوال2. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم اسلامي برادريءَ بابت ڪهڙو ارشاد فرمايو؟

سوال3. حضرت سلمان فارسي رضه حق ۽ سچ جي ڳولا لاءِ ڪهڙيون ڪوششون ڪيون؟

سوال4. سنڌجي ثقافت جي اهم سوکڙي ڪهڙي آهي؟

سوال5. سليم ۽ ارشد ڌاڙيلن جو خاتمو ڪيئن آندو؟

سوال6. نصرپور ڪهڙن هنرن جي ڪهري مشهور هو؟

eduvision.edu.pk

